علامہ اقبال نمبر

# مہران





**علاما ڊاڪٽر محمد اقبال**

جنھن جو ھن سال ملڪ ۾، ھڪ سؤ ساله جنم ڏينھن جشن ملھايو پيو وڃي.

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد 26] [نمبر 3 ۽ 4

جولاءِ — ڊسمبر 1977ع

# علاما اقبال نمبر

ايڊيٽر

امداد حسيني

مئنيجنگ ايڊيٽر

ظفر حسن

اسسٽنٽ ايڊيٽر

ناشاد



سنڌي ادبي بورڊ

پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

# مـــهـــراڻ

## سـنـڌي ادبـي بـورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.
فون نمبر 6/5 2388

مواد موڪلڻ جي ائڊريس
ايڊيٽر "مهراڻ" ٽماهي
سـنـڌي ادبـي بـورڊ
پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس
مئنيجر
سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال
پوسٽ باڪس نمبر 12، حيدرآباد سنڌ.

سالیانو پرچو 15-00 رپيا      في پرچو 6-00 رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro at the
Sindhi Adabi Board's Printing Press, Hyderabad, Sind.

# سٽاءُ


● گذارش — ادارو 3

● اقبال جي ڪلام جو منظوم سنڌي ترجمو 5

1. اقبال جي ڪلام جون ادبي خوبيون — ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي 9

2. اسرار خوديءَ جو مطالعو — ڊاڪٽر گل حسن لغاري 24

3. اقبال جي نظر ۾ عشق ۽ عقل جو مقام — پروفيسر محمد اسحاق ابڙو 32

4. علاما ڊاڪٽر محمد اقبال — احمد نديم قاسمي
سنڌيڪار: وليرام ولڀ 37

5. ڊاڪٽر اقبال ۽ سوشلزم — ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ 68

6. اقبال جو فلسفءِ خودي، تصوف جي روشنيءَ ۾ — ڪريم بخش چنا 77

7. علاما اقبال جي ڪهاڻي — خالد هندي
(سنڌ سِ نوڪر ميان علي بخش جي زباني) سنڌيڪار: گل محمد شاهه رضوي 100

8. حڪيم الامت علاما اقبال — غلام محمد گرامي 109

9. مسز سروجني نائيڊو ۽ اقبال 137

10. عمل ۽ انقلاب جو پيغام — شيخ اياز 139

11. جهاد

12. ”ارمغان حجاز“ جي سنڌي ترجمي جي تمهيد — لطف الله بدوي 148

13. رسالت جو مقام علاما اقبال جي نظر ۾ — غلام مصطفيٰ قاسمي 166

14. اقبال — علاما آءِ. آءِ. قاضي 170

15. ”جاويد نامہ“ جي سنڌي ترجمي جي تمهيد — سنڌيڪار: سومار علي سومرو
— لطف الله بدوي 184

# شمع سوزان

سڻ اي طلبگار درد دل جا، مان ناز ۽ تون نياز ٿي وڃ،
مان غزنوي سومنات وارو ۽ تون مثالِ اياز ٿي وڃ.

نہ آهي گهٽ شان تنهنجو هرگز، ڪمالِ شانِ سڪندري کان،
جي آهہ سيني ۾ تنهنجي سامان تہ پاڻ آئينہ ساز ٿي وڃ.

خدا جي بندن جي خاص خدمت ۾ زندگيءَ جو ڪمال آهي،
تون تنهن کي فرضِ قديم سمجهي، سدا مثالِ نماز ٿي وڃ.

نہ ٿي قناعت شمار گلچين، انهي سان وڌندو نہ شان تنهنجو،
ڏسي گلن جي چمن ۾ رونق تون دل سان دامن دراز ٿي وڃ.

اي هند جا فرقہ ساز آذر! چڱي نہ هي آهہ بت فروشي،
بچائي دامن بُتن کان پنهنجو غبار راهِ حجاز ٿي وڃ.

ڏسي پتنگن ۾ جوش الفت ۽ شوق هردم فنا ٿيڻ جو،
سگهو مثالِ تون شمع سوزان سڙي ۽ محفل گداز ٿي وڃ.

● منظوم ترجمو: غلام احمد نظامي

# عمل

رياضِ دهر ۾ نا آشناي بزمِ عشرت ٿي،
خوشي روئندي رهي جنهن لئه نه محرومِ مسرت ٿي.

تنهنجي تقدير بگڙيل تي ٿي روئي تنهنجي گويائي،
تون حرفِ زيرِ لب شرمندهٔ گوشِ سماعت ٿي.

پريشان ٿي نه مشتِ خاڪ، هن مان ڪين ڪجهه ورندو.
سڪندر ٿي، يا جامِ جم ٿي يا گردِ ڪدورت ٿي.

حقيقت ۾ تنهنجي هستي ٿي مقصد خاص قدرت جو،
سراپا نور ٿي، هرگز نه ڪنهن جي لاءِ ظلمت ٿي.

خزينو ٿي، لڪائي پاڻ کي رکُ خاڪِ صحرا ۾،
نه جنهن کي چور چورائي، تون اهڙي خاص دولت ٿي.

نه شيشو ٿي، نه ساقي ٿي، نه مستي ٿي، نه پيمانو،
تون هن ميخانهٔ عالم ۾ هر شيءِ جي حقيقت ٿي.

تون رهه آزاد دنيا جي خسارن يا خيالن کان،
بنائي پنهنجي دنيا، پاڻ حاڪم ٿي، رعيت ٿي.

توکي رازِ دو عالم دل جو ٽيٽو رازدان آهي،
عمل کان بعد توکي کولڻي پنهنجي زبان آهي.

● منظوم ترجمو: غلام احمد نظامي

# پوڙهي ٻروچ جي پٽ کي نصيحت

ٿي تنهنجي بيابان جي هوا توکي گوارا،
هن دشت کان بهتر نه آ دهلي نه بخارا.

جنهن طرف ٻي، چاهين صفت سيل روان هل،
وادي هي اسان جي آ ۽ صحرا جا نظارا.

غيرت ئي وڏي ڳالهه آ دنياءِ عمل ۾،
پهرائي ٿي درويش کي تاج ِ سر ِ دارا.

حاصل ڪنهين ڪامل کان هي پوشيده هنر ڪر،
ٻڌجي ٿو ته شيشي کي ٻڌائن آهي خارا.

افراد جي قبضي ۾ اٿي قوم جي تقدير،
افراد ٿيا ملت جي مقدر جا ستارا.

محروم ٿيا دولت ِ دريا کان سي غواص،
چاڻن نه ڪناري جي هوا، آه! ويچارا.

دين پاڻ هٿن سان ڏني آجي ٿي جي ملت،
آ اهڙي تجارت ۾ مسلمان دو پارا.

آ دنيا کي وري معرڪهٔ روح و بدن پيش،
تهذيب ڪري ٿي وري وحشت کي ونگارا.

● منظوم ترجمو: لطف الله بدوي

# حضرتِ انسان

جهان ۾ دانش و بينش جي ڪيڏي آهي ارزاني،
ڇپي ڪانه سگهي ڪا شيءِ جو هي عالم آ نوراني.
ڏسي جي ڪو ته آ باريڪ فطرت جو حجاب ايڏو،
فرشتن جو نمايان، آن کان مرڪ آهه پنهاني.
جهان هي دعوتِ ديدار آهي ابن آدم لئي،
جو هر مستور کي بخشيو ويو آ ذوق عرياني.
اهوئي فرزند آدم آ، جنهن جي اشڪ خونين کان،
بڻايو حضرت يزدان آ دريائن کي طوفاني.
فلڪ کي ڇا خبر هي خاڪدان ڪنهن جو نشيمن آ،
غرض تازي کان ڪنهن جي آ شبستان جي نگهباني.
اگر مقصود ڪل مان هان ته مون کان ماورا ڇا آ؟
سندس هر شور نئين نئين جي پڄاڻي انتها ڇا آ؟

# قبر، پنهنجي مردي سان

آه! ظالم، تون جهان ۾ بندهءِ محڪوم هئين،
مان نئي سمجهيو ته تنهنجي خاڪ ڇو آ سوزناڪ.
تنهنجي ميت کان سندم اونداهيون وڏيون ويون،
تنهنجي ميت کان زمين جي آهه عزت چاڪ چاڪ.
الامان محڪوم جي ميت کان آهي الامان،
اي سرافيل! اي خداي ڪائنات! اي جان پاڪ.

● منظوم ترجمو: لطف الله بدوي

ڊاڪٽر گل حسن لغاري

# "اسرارِ خودي" جو مطالعو

علامہ ڊاڪٽر محمد اقبال جي فارسي مثنوي "اسرار خودي" پهريون دفعو سال 1915ع ۾ لاهور مان شايع ٿي. علامہ مرحوم "اسرار خودي" لاءِ لکي ٿو:

"هيءَ مثنوي ٻن سالن ۾ لکي ويئي. ۽ ڪيترن ئي مهنن گذرڻ بعد طبيعت لکڻ لاءِ مائل ٿيندي هئي. هيءَ مثنوي ڪجهہ آچر جي ڏينهن ۽ بعضي بيخوابيءَ جي راتين جو نتيجو آهي."

"اسرار خوديءَ" ۾ علامہ اقبال پنهنجي فلسفي جي مرڪزي خيال ـــ يعني 'نظريءِ خودي' کي پيش ڪيو آهي. "خودي" مان مراد پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ آهي ۽ جنهن پاڻ کي سڃاتو، آن خدا کي سڃاتو.

هن مثنويءَ ۾ علامہ اقبال، حڪيم افلاطون ۽ ان جي همخيال صوفين جي مذمت ڪئي آهي، ڇو تہ انهن عملي زندگيءَ جي فڪر کي حقيقت پسنديءَ جي نگاهہ سان پيش نہ ڪيو آهي. ايتريقدر جو هن خواجہ حافظ شيرازيءَ کي بہ نہ بخشيو:

بي اياز از محفل حافظ گذر
الحذر از گوسفندان الحذر

علامہ اقبال جو مقصد اهو هو تہ حافظ شيرازيءَ جي شاعري، زندگيءَ جي قوت کي ڪمزور ۽ پست ڪرڻ جي رجحان سان ڀرپور آهي ۽ اهو قومي اعتبار کان نقصان دهہ آهي؛ ان ڪري اقبال جي خلاف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڪافي ڪجهہ لکيو ويو، جنهن ۾ علامہ مرحوم جي دوست خواجہ حسن نظامي مرحوم بہ حصو ورتو. اقبال جي نظريءِ خوديءَ کي 'انانيت' ۽ 'تڪبر' سمجهيو ويو. پيرزاده مظفراحمد "فضلي" جي مثنوي، "راز بيخودي" جي نالي سان، 1918ع ۾ دهليءَ مان شايع ٿي. اها مثنوي، 114 صفحن تي مشتمل هئي، جنهن ۾ افلاطون ۽ حافظ شيرازيءَ جي تعريف ٿيل هئي ۽ علامہ اقبال حافظ شيرازيءَ لاءِ 'ٻڪر' ۽ 'گوسفند' جا جيڪي لفظ استعمال ڪيا هئا، تن جي جواب ۾ اقبال لاءِ 'شغال' ۽ 'خر' جا لفظ استعمال ڪيا. پر ڪٿي ڪٿي تہ کيس دشمن اسلام ۽ رهزن اسلام جو خطاب ڏنو ويو. انهيءَ پيرزاده "فضلي" جي مثنويءَ جي جواب ۾ شمس العلماء مولانا اسلم جيراج پوري تنقيدي مضمون لکيو،

نائب ِ حق همچو جان ِ عالم است،
هستيء او ظل ِ اسم ِ اعظم است.
از رموز ِ جز و کُل آگه بود،
در جهان قائم بامرالله بود.
پخته سازد فطرت ِ هرخام را،
از حرم بيرون کند اصنام را.
نوع ِ انسان را بشير و هم نذير،
هم سپاهي هم سپهگر هم امير.

(خدا جي نائب کي دنيا ۾ آها حيثيت حاصل هوندي آهي، جيڪا جسم ۾ جان کي آهي؛ نائب ِ حق جز ۽ ڪل جي راز کان آگاهه ٿئي ٿو، هو دنيا ۾ الله جي حڪم سان قائم آهي ۽ الله جا حڪم جاري ڪرڻ، هن جو اصلي ڪم آهي؛ نائب ِ حق هرخام فطرت کي پختو ۽ پائيدار بنائي ٿو. جهڙيءَ طرح سان رسول الله صلعم، حرم مان بتن کي ڪيرائي ڇڏيو هو، اهڙيءَ طرح سان، نائب ِ حق ماڻهن جي فطرت مان حرص و هوا جي بتن کي ڪڍي ٿو ۽ اهوئي انهن جي فطرت کي پختي ڪرڻ جو طريقو آهي.)

خودي تڪميل جي منزل تي پهچي ٿي ۽ عارف خوديءَ کي خليفة الله في الارض جي لائق بنائي ٿي. هن ڪتاب جو ترجمو دليا جي ڪائي ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي.

(8) رموز بيخودي (فارسي)— هي دراصل اسرار خوديءَ جو ٻيو حصو آهي، جو 1918ع ۾ شايع ٿيو، پوءِ اسرار و رموز کي گڏ ڪيو ويو. الهيءَ ۾ اقبال دليلن سان ثابت ڪيو آهي ته اسلامي آئين، حيات ملي جي لاءِ بهترين ضابطو آهي. ماڻهن تي لازم آهي ته آهي هڪ خاص حد تائين انا جي انفرادي حيثيت کي قائم ۽ محفوظ رکن. انهيءَ کان پوءِ ملت جي ڀلائيءَ ۽ سڌاري تان پنهنجي انفراديت قربان ڪري ڇڏين. هن ڪتاب کي هونءَ ته علاما ملت اسلاميه جي حضور ۾ پيش ڪيو آهي، پر اسرار و رموز ٻنهي مثنوين ۾ پوري عالم انسانيت کي خطاب ڪيو ويو آهي. انهن جي وسيلي اقبال هلندڙ دؤر جي غلط نظرين جي پٽ وائکي ڪئي آهي، جي ماڻهن ۽ قوم جي باري ۾ قائم ڪيا ويا هئا، ۽ انهن جي بچاءَ بقا، تسلسل ۽ ترقيءَ لاءِ صحيح رستو ٻڌايو آهي.

انهن ٻنهي مثنوين جو تعلق ملت جي ماضيءَ سان هو. ضرورت انهيءَ امر جي هئي ته ملت جي آئيندي جي باري ۾ به ڪجهه چيو وڃي. اقبال جي ذهن ۾ انهيءَ جو خاڪو به موجود هو. ان ڪري هو مولانا گراميءَ کي 1- جولاءِ 1917ع جي خط ۾ لکي ٿو:

"مثنويءَ جو ٻيو حصو (يعني رموز بيخودي) جلد پورو ٿيڻ وارو آهي، پر هاڻي ٽيون حصو ذهن ۾ پيو اچي ۽ مضمون دريا جيئن پرجيو پيا اچن ۽ حيران پيو ٿيان ته ڪنهن ڪنهن کي لوٽ ڪريان. الهيءَ حصي جو مضمون هوندو "حيات مستقبلهٔ اسلاميه" يعني قرآن شريف مان مسلمانن جي اينهڙ تاريخ تي ڪهڙي روشني ٿي پوي ۽ جماعت اسلاميه، جنهن جو بنياد ابراهيمي دعوت کان شروع ٿيو، ڪهڙا ڪهڙا واقعا ۽ حادثا ايندڙ صدين ۾ ڏسڻ واري آهي ۽ نيٺ انهن سڀني واقعن جو مقصد ۽ مراد ڇا آهي؟ منهنجي سمجهه ۽ ڄاڻ ۾ اهي سڀ ڳالهيون قرآن شريف ۾ موجود آهن ۽ استدلال اهڙو صاف ۽ واضح آهي جو ڪوبه نٿو چئي سگهي ته تاويل کان ڪم ورتو ويو آهي. اهو الله تعاليٰ جي خاص ٻاجهه ۽ مهر آهي، ته هن قرآن شريف جو اهو ڳجهو علم عطا ڪيو آهي. مون پندرهن ورهين تائين قرآن شريف پڙهيو ۽ ڪن آيتن ۽ صورتن تي ڪئين مهينا نه، پر سال غور ڪيو آهي ۽ ايتري ڊگهي عرصي کان پوءِ انهيءَ متئين نتيجي تي پهتو آهيان؛ پر مضمون ڏاڍو نازڪ آهي ۽ جنهن کي لکڻ سولو نه آهي. ته به مون اهو پڪو پهه ڪيو آهي ته اهو هڪ ڀيرو لکي وٺندس، ۽ ان جي اشاعت منهنجي حياتيءَ کان پوءِ ٿيندي يا جڏهن انهيءَ جو وقت ايندو، تڏهن ڇپجي ويندي."

پر اهو ارادو ڪنهن سبب ڪري عملي صورت اختيار ڪري نه سگهيو.

فڪرن جي لحاظ سان اقبال ملت اسلاميہ جي عظيم ترين رهنمائن ۾ شمار ٿيڻ جو حقدار آهي. سندس فڪر ۽ تاثر مسلمانن جي شعور ۽ تحت الشعور ۾ ويڙهيل آهن، انهن کي جمود مان ڪڍي حريت ۽ ڪوجنا جي ڏس لائڻ ۾ جيتري ڪاميابي اقبال کي ٿي، اوتري سندس همعصرن مان ڪنهن مفڪر ۽ رهنما کي نہ ٿي. سندس اثر پاڪ ۽ هند مان نڪري، افغانستان ۽ ايران کان سواءِ عربي ۽ فرنگي دنيا تائين پهچي چڪو آهي. هو انهن شخصيتن مان آهي، جي صدين کان پوءِ انسانيت جي فضا کي روشن ڪنديون آهن. (دائره معارف اسلاميہ، جلد 3، ص 13-14.)

## منصب جي ادائگي

هڪ عظيم شاعر، مفڪر ۽ مصلح جي حيثيت سان اقبال پنهنجي منصب جي ذميدارين کي سهڻي طريقي سان پورو ڪيو. پنهنجي مقصد حيات ۽ نصب العين جي تڪميل لاءِ هن ڪهڙا ذريعا اختيار ڪيا، ۽ انهن ۾ ڪهڙيءَ طرح ڪامياب ٿيو؟ انهيءَ دلچسپ داستان کي محمد عبدالله قريشيءَ جي لفظن ۾ ملاحظو ڪريو:

"اقبال جي طبيعت جي وسعت ۽ همہ گيري ڪيترن ئي رنگن ۾ جلوه گر ٿي. هن هڪ طرف شعر ۽ سخن ۾ نيون راهون کولي لڌيون تہ ٻئي طرف فلسفي ۾ نوان رايا قائم ڪيا. سندس فلسفيائي ۽ حڪيمائي شاعري مرده قوم کي نئين زندگي بخشي."

فلسفي رکو حقيقتن جي خشڪ ۽ بيجان تعبير ڪندو آهي، پر شاعر ان جي زندگيءَ سان چهچٽ ڪندڙ تعبير. فلسفي ڪائنات جي صورت جو ذهني ادراڪ ڪري پنهنجا نتيجا مجرد تصورن ۾ بيان ڪندو آهي، پر اقبال چوي ٿو:

"شاعر جي اها بہ لصيبي آهي جو سندس ڪم، چڱو مدو جو ڪجهہ بہ آهي، محسوس ٿئو ٿئي ۽ ظاهربين اکيون مرئيات ڏانهن قدرتي طرح وڌيڪ متوجهہ ٿينديون آهن."

(خواجا حسن نظاميءَ جي نالي خط.)

اهڙو بہ وقت هو جو اقبال جي ڳالهہ سمجهڻ وارو ڪوبہ نہ هو. هو پنهنجو پاڻ کي بلڪل اڪيلو محسوس ڪندو هو ۽ چوندو هو:

"لاهور هڪ وڏو شهر آهي، پر مان انهيءَ ميڙاڪي ۾ اڪيلو آهيان. هڪ ٻئو بہ اهڙو ناهي، جنهن سان دل کولي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪري سگهجي.

'طعنہ زن ہے ضبط اور لذت بڑي افشان مين ہے،
ہے کوئي مشکل سے مشکل رازدان کے واسطے؟'

لارڊ بيڪن لکي ٿو تہ جيڏو شهر وڏو هوندو، هيڪلائي پڻ اوڏي وڏي هوندي، سو منهنجو حال بہ منهنجي لاهور ۾ اهڙو آهي."

(اڪبر الہ آباديءَ جي نالي خط، 6- آڪٽوبر 1911ع.)

آهن، جن کي ماڻهن تائين پهچائڻ چاهيان ٿو، پر انگريزن جي ملازمت ۾ رهي ڪري کليو کلايو چئي نٿو سگهان. هاڻ بلڪل آزاد آهيان، جو چاهيان ڪريان، ۽ جو چاهيان چئي سگهان. ڊاڪٽرصاحب جي محبت ۾ لاهور ڇڏيم ۽ شادي ڪيم. پهرين شادي ننڍي هوندي ٿيم، پوءِ اها جلد گذاري ويئي.

ڊاڪٽرصاحب ڪڏهن مون کي گهٽ وڌ ڳالهايو. البت سنه‌س پاڻ‌جي هڪ پيري مون کي گار ڏني، پاڻ ان تي ناراض ٿيا ۽ کيس مار به ڏنائونس. هڪ ٻه پيرا پاڻ ۾ ڪاوڙيا‌سون، پر اها ڪاوڙ ٿوري وقت ۾ ختم ٿي ويئي.

["هما" (اقبال نمبر)، نئين دهلي،
آڪٽوبر 1976ع تان ترجمو]

لفظ 'خطا' غور طلب آهي. اول ته لامڪان ۾ هنگامء شوق جو هجڻ ڇو ضروري آهي؟ اگر لامڪان ۾ سڪوت آهي، ته پوء ان سان 'انسان' جو ڪهڙو مطلب؟ ان تي وڌيڪ اهو ته خدا کي چوڻ ته اها 'خطا' تنهنجي آهي ۽ نه منهنجي!--اها آهي "شاعري"!

## رازدان

'شيطان' انڪار ڪيو، پر ڇو؟ ڇالاء ته تنهنجو ئي 'رازدان' هو. ان ۾ منهنجو ڇا!

اسے صبحِ ازل انڪار کي جرات هوئي کيون کر،
مجھے معلوم کيا، وه 'رازدان' تيرا هے يا ميرا؟

## حرف شيرين ترجمان

اقبال، هڪ هنڌ عجيب انداز ۾ پڌائي ٿو ته دين جي ترجماني جا فرائض مون ادا ڪيا. ان سلسلي ۾ 'حرف شيرين ترجمان' جو خالق مان آهيان، پيو سڀڪجهه تنهنجو آهي. چوي ٿو:

محمد بـي تيرا، جبريل بـي، قرآن بـي تيرا،
مگر يہ 'حرف شيرين ترجمان' تيرا هے يا ميرا؟

## آدم جو زوال

آدم جي اولاد جي زوال جو ذمه دار ڪير؟ جڏهن ته ان 'آدم' جي ڪري ئي ڪائنات ۾ زندگي ۽ جدوجهد آهي. آدم ته هن حيات جو مرڪز آهي. اقبال چوي ٿو ته اولاد آدم جو زوال ٿي رهيو آهي، اهو زيان ڪنهن جو، منهنجو يا تنهنجو؟ آدم جي زوال سان هن عالمِ حيات جو نظام درهم برهم ٿي ويندو، ان لاء تون ئي سوچ؛ ڇو ته اهو جهان، اهو آدم، سڀ تنهنجا آهن ۽ نه منهنجا! اقبال چوي ٿو ته باوجود قدرت هئڻ جي به 'آدم' جي زوال کي نه روڪي ٿو سگهين ۽ نه تلافي ٿو ڪري سگهين!

اسي ڪوڪب کي تابالي سے هے روشن جهان تيرا
زوالِ آدم خاکي زيان تيرا هے يا ميرا؟

## شڪايت

اقبال جو مٿيون خطاب به هڪ 'شاعرانه شوخي' آهي. ورنه ان طرح خطاب ڪرڻ گستاخي ۽ بي ادبي آهي.

اثر کرے نہ کرے سن تو لے ميري فرياد،
نهين هے داد کا طالب يہ بندۂ آزاد.
يہ مشتِ خاک، يہ صرصر يہ وسعت افلاک،
کرم هے يا کہ ستم تيري لذّتِ ايجاد.

جمهور کے ابلیس هین ارباب سیاست،
باقي نهين اب ميري ضرورت، ته ِ افلاک!

## جبرئيل

وري ابليس کي 'جبرئيل' سان هن طرح ٿو همڪلام ڪري ڏيکاري. ابليس ٿو چوي:

مین کهٽکتا هون دل ِ يزدان مين کانٽے کي طرح،
تـو فـقـط الله هـو، الله هـو، الـلـه هـو!

يعني، مان 'يزدان جي دل' ۾ ڪنڊي وانگر چڀي رهيو آهيان، پر تنهنجي زبان تي آهي الله هو، الله هو، الله هو! يعني زندگي آهي خلش ۽ تپش، سوز ۽ حدّت، پر تو وٽ فقط سڪون ۽ خاموشي آهي.

بهرحال، هي آهن اقبال جي ڪلام مان چند مثال، جن ۾ حق تعالى جي حضور ۾ گستاخي ۽ بيباڪي ڏيکاريل آهي، حالانڪ ڪن هنڌن تي حد کان وڌيڪ تلخ ۽ طنزيه بيان آهي، ۽ ڪنهن به شريعت ۾ ان قسم جو خطاب جائز نه آهي، پر جڏهن ته اهو سڀڪجهه شاعرانه شوخيءَ جي آڙ ۾ چيو ويو آهي، تڏهن برداشت ڪيو ويو آهي. ورنه اگر ڪو بيو، ڪنهن ٻيءَ طرح چوي ها ته پوءِ لازمي طرح سان کيس 'ڪافر ۽ ملحد' چيو وڃي ها! پر 'شاعر' تي ڪابه ميار نه آهي!

[مقالي "مشرقي شاعريءَ جا فني قدر ۽ رجحانات"، مهراڻ نمبر 2 ۽ 3، سال 1964ع، تان کنيل.]

هو نہ یہ پھول تو بلبل کا ترنم بھی نہ ہو،
چمنِ دہر میں کلیوں کا تبسم بھی نہ ہو.
یہ نہ ساقی ہو تو پھر مے بھی نہ ہو خُم بھی نہ ہو،
بزم توحید بھی دنیا میں نہ ہو تم بھی نہ ہو.
خیمہ افلاک کا استادہ اسی نام سے ہے،
نبض ہستی تپش آمادہ اسی نام سے ہے.

آخر ۾ چئي ٿو:

کی محمد سے وفا تونے تو ہم تیرے ہیں،
یہ جہاں چیز ہے کیا لوح و قلم تیرے ہیں.

علامہ اقبال دين جو سارو خلاصو ۽ تت اهو ٿو ڄاڻائي تہ مسلمان پاڻ کي رسول مصطفيٰ صلي الله عليه و آله وسلم تائين پهچائي، ان جي پيروي ڪري، ان سان محبت رکي.

بمصطفيٰ برسان خويش را کہ دين همہ اوست.

● حڪم ڪيو ويو تہ جيئن ئي ڪو انگريز نظر اچي، مڪاني ماڻهن جو فرض آهي تہ هڪدم ٽانگي مان لهي بيهن ۽ نيوڙي سلام ڪن. هڪ 25 فٽ ڊگهي ۽ 12 فٽ ويڪري ڪمري اندر، سٺ جي ويجهو ماڻهن کي واڙيو ويو ۽ اتي هو هفتي تائين قيد رهيا. رفع حاجت لاءِ بہ کين ٻاهر نڪرڻ جي موڪل نہ هئي. قصور ۾ پڙهو ڏياريو ويو، تہ جيڪي ماڻهو 10- اپريل 1919ع کان پهرين يا ان تاريخ کان پوءِ شهر کان ٻاهر هليا ويا آهن، جيڪڏهن ٽن ڏينهن اندر نہ موٽيا تہ سندن ملڪيت ضبط ڪئي ويندي.

—[اقبال جا ٻچاڙڪا ۽ سال تان ورتل ص 102]

(جيسين اوهان پاڻ کي بدلائڻ جي خود ڪوشش نہ ڪندا)، جي منزل مقصود تي رسائيندڙيون، ھنن جي دلين ۾ صحيح معنائن ۾ هڪ اسلامي ملڪ بنائڻ جو عزم ڪريون ۽ اهڙيءَ طرح سان هڪ نشاة ثانيہ جي منزل ماڻڻ لاءِ ان ذانهن ويندڙ رستو تيار ڪري وجهون.

اے چشمِ جہان بین، بہ تماشائے جہان خیز،
از خواب گران، خوابِ گران، خوابِ گران خیز،
از خوابِ گران خیز.

(اي جهان کي ڏسندڙ اکِ، دنيا جي تماشي کي ڏسڻ ڪاڻ هاڻي اُٿ،
انهيءَ ڳوڙهي ننڊ وچان، ڳاڙهيءَ ننڊ مان، ڳوڙهيءَ ننڊ مان جاڳ،
ڳوڙهي ننڊ مان اُٿ).

